# ڏيـئـو

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع ۾ ڄائو. هي نظم سنڌي زبان جي بلند پايہ شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جو چيل آهي. سندس شعر جو مجموعو "ڪلياتِ عزيز" جي نالي سان ڇپيل آهي. هو سٺو مضمون نويس ۽ نقاد بہ هو. سندس مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" جي نالي سان ڇپيل آهي.

ڪَکائن گهرن کـي تون روشن ڪرين ٿـو،
غريبن جـي جُهونرن کي گلشن ڪرين ٿـو،
لٽي سـج عيان پنهنجو جوبن ڪرين ٿـو،
سحر تائين هـر جا نشيمن ڪرين ٿـو!

مزورن ۽ ڪُڙمين سـان همڪار آهين،
فقيرن جـي مجلس جـو سينگار آهين،
سڄي تون ٻين کـي ڏئين ٿـو سُهائِي،
رکيل تـو ۾ ڪيڏِي نہ آهـي چڱائِي!

پَـــري کان مُنجهيل جـــي ڪرين رهنمائِي،
ڏِيا، تـــو ۾ آهي ســـراســـر سچائِي،
سچو دوســـت دشمن تـــي دلســـوز آهين،
سچائيءَ ســـان سڀ جـــو شب افروز آهين!

مـــدد ڏين ٿو ڪم ڪـــار ۾ تون با محنت،
برڻ ســـان تنهنجي ٿئي دفـــع ظلمت،
نہ پنهنجي پرائي جـــو ڏارين تـــفـــاوت،
رکين قلب ۾ ڪانہ ڪنهن ڏانهن ڪدورت.

سعـــادت جو بيشڪ تـــون آهين ستـــارو،
ڏِيا، تون تـــو لاهين جهان تان انـــڌارو؛
هوا ســـاڻ ســـر لاٿ جو ٿو جُهڪائين،
ٿو نِوَڙت ڪندي پنهنجي جِيوت بچائين.

حياتـــيءَ جـــو مقصد سچو تـــو ٻُڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تـــن مـــن جلائين،
جَلِي جي ٻين کـــي سُهائو ڏيـــن تـــا،
لَکين گهورَ تـــن تـــان پتنگا ٿين تـــا!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- ڪڪائن گهرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟
2- ڏيئي ۾ ڪهڙي چڱائي رکيل آهي؟
3- ڏيئي وٽ نوڙت جي ڪهڙي نشاني آهي؟
4- شعر جي آخري بند مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڪڪائن – ڪڙمين – سُهائي – سراسر – لاٽ.

**(ج) اهڙا پنج لفظ ٻڌايو، جيڪي جاين جا نالا هجن.**

**(د) O هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

حياتيءَ جو مقصد ——— ٿو ٻڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو ——— جلائين.
——————— ٻين کي سهائو ڏين ٿا،
——————— تن تان پتنگا ٿين ٿا.